© rasailojaraid.com



# نبي ڪريم بيمثال عادل ۽ قاضي

*زرينه قاضي
نظير احمد چاچڙ

لقد كان لكم رسول الله اسوة حسنة لمن كان يرجوالله واليوم الاخر.

نبي ڪريم ﷺ جن جي زندگي انهن جو اٿڻ ويهڻ ڳالهائڻ ٻڌڻ هڪ بيمثال نمونو هئي انهن زندگيءَ جي هر هر پهلوءَ کي اهڙن نپايو جنهن جو مثال ڪوني به نٿو ٿي سگهي بيشڪ هو انسان ڪامل ۽ بيمثال هئا الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ فرمايو:

لقد كان لكم في رسول الله اسوة حسنة لمن كان يرجوالله واليوم الاخر

"بيشڪ رسول ڪريم ﷺ جي ذات توهان جي لاءِ بهترين مثال آهي انهن جي لاءِ جيڪي الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي يقين رکن ٿا."

نبي ڪريم ﷺ جن جي ذات اقدس ظاهري ۽ باطني خوبين جي اعتبار کان هڪ مڪمل ذات آهي اها ڪامل ذات سڀني انسان جي سڀني عملي ۽ ارتقائي مرحلن جي لاءِ رهنمائي جو ڪم ڪري ٿي. (1)

هر ڪجا بيني جهان رنگ وبو — آنکه از خاکش بروید آرزو
يازنود مصطفی اورا بها است — ياهنوز اندر تلاش مصطفی است

اهو ئي سبب آهي جو پاڻ سڳورن ﷺ جي ذات اقدس سڀني انسانن جي لاءِ راهنمائي جو مرتبو رکي ٿي. پاڻ سڳورن جي ذات ملڪ جي حڪمران، جرنيل، جج، امام مطلب هر حيثيت هڪ نمونو آهي ۽ مڪمل اخلاق جو مجموعو آهي.

نبي ڪريم ﷺ بطور عادل ۽ منصف به انسانيت جي لاءِ هڪ بهترين نمونو هئا. قرآن پاڪ ۾ ڪيترين ئي جاين تي الله پاڪ ان ڳالهه کي بيان فرمايو آهي ته ان نبي کي قاضي مقرر ڪيو آهي. نبي ڪريم ﷺ ماڻهن جي وچ ۾ صلح ۽ صفائي جي فيصلا ڪرڻ جي لاءِ الله جي طرفان مقرر هئا. تنهنڪري الله پاڪ سورة المائده جي آيت 48 ۾ فرمائن ٿا ته
:

*گورنمنٽ گرلز هائر سيڪنڊري اسڪول اينڊ ڪاليج پنو عاقل سکر

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



**وانزالناالیک الکتٰب بالحق مصد قالما بین یدیہ من الکتٰب و مھیمنا علیہ فاحکم بینھم بما انزل اللہ ولا تتبع اھوائھم عما جائک من الحق (2)**

”اي انسان توهان تي سچو ڪتاب نازل ڪيو آهي جيڪو اڳ وارين ڪتابن جي تصديق ڪري ٿو ۽ انهن جو محافظ ۽ نگهبان آهي پس توهان اي نبيﷺ ماڻهن جي وچ ۾ جيڪو الله تعالى نازل فرمايو آهي ان جي مطابق حڪم ڪندا ڪريو ۽ جيڪو (دين) حق توهان وٽ اچي چڪو آهي ان کي ڇڏي ڪري انهن جي خواهشن جي پيروي نه ڪريو.“

ان آيت مبارڪ جي شان نزول ۾ حضرت ابن عباس جي هڪ اثر ۾ محمد اسحاق کان روايت آهي ته:

حضرت ابن عباس کان روايت آهي ته ڪعب بن اسد ۽ ابن صلوبا ۽ عبدالله ابن صوريا ۽ شاس ابن قيس هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا ته محمدﷺ وٽ هلجي ۽ ان کي دين کان گمراهه ڪجي تنهنڪري اهي پاڻ مبارڪنﷺ وٽ آيا ۽ چيائون ته اي محمدﷺ توهان کي خبر آهي ته اسان يهودين جي شرفاء ۽ سربراهن مان آهيون اگر اسان توهان جا پوئلڳ ٿي ويا سين ته يهودي توهان جا پوئلڳ ٿي ويندا ۽ اسان جي مخالفت نه ڪندا. اسان جو پنهنجي قوم سان هڪ جهڳڙو آهي اهو اسان توهان وٽ آڻيندا سين پوءِ توهان اسان جي حق ۾ فيصلو ڪجو ته اسان توهان تي ايمان آڻيندا سين نبي ڪريمﷺ جن ڳالهه کان انڪار ڪري ڇڏيو ان تي هيءَ آيت نازل ٿي: (3)

**یا اھل الکتٰب قد جاءکم رسولنا یبین لکم کثیرا مما کنتم تخفون من الکتٰب ویعفوعن کثیرا قد جاءکم من اللہ نوروکتٰب مبین (4)**

ترجمو: اي اهل ڪتاب بيشڪ اسان جو رسول توهان وٽ اچي چڪو آهي جيڪو ڪتاب الله (توريت انجيل) جي ڪيترين ئي ڳالهين کي توهان جي سامهون کولي ڪري بيان ڪري ٿو جن کي توهان لڪائيندا آيا آهيو ۽ ڪيترين ئي ڳالهين کان درگذر ڪري ٿو. بيشڪ توهان وٽ الله جي طرف کان نور ۽ روشن ڪتاب اچي چڪو آهي.

مطلب ته قرآن ڪريم گذريل ڪتابن جي وقتي ۽ عارضي حڪمن کي ڇڏي ڪري باقي سڀني تعليمات ۽ اصول حڪمن تي مشتمل جامع ڪتاب آهي. مطلب ته گذريل ڪتابن ۾ اهل ڪتاب پنهنجي

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com


ان کي سڌ ڪريو اها ماءُ جي طرف مائل ٿي پلﷺ فرمايائون الاهي ان جي رهنمائي فرماءِ بس هوءَ پيءُ جي طرف مائل ٿي ته پيءُ ان کي کڻي ورتو.(20)

حضورﷺ جن وٽ هڪ عورت آئي ۽ چوڻ لڳي ته منهنجو مڙس چاهي ٿو منهنجي پٽ کي وٺي وڃي حالانڪه اهو مون کي ابو عتبه جي کوهه تان پاڻي پياريندو آهي. حضورﷺ جن فرمايو پڪا ڪيو مڙس چيو ته منهنجي پٽ جي لاءِ ڪير آهي جيڪو مون سان وڙهي نبي ڪريمﷺ جن فرمايو هي تنهنجو پيءُ ۽ ماءُ آهن جنهن جو چاهين هٿ پڪڙي ان ماءُ جو هٿ پڪڙيو ۽ اها هن کي وٺي هلي رني.(21)

هڪ عورت حضورﷺ جن وٽ آئي ۽ چوڻ لڳي اي الله جا رسولﷺ منهنجو هي پٽ آهي پنهنجي پيٽ ان جو برتن رهيو آهي منهنجي ڇاتي ان جي مشڪ رهي آهي ۽ منهنجي جهول ان جو پينگهو ان جي پيءُ مون کي طلاق ڏني ڇڏي ۽ هاڻي اهو هن کي به کسڻ چاهي ٿو. پاڻﷺ فرمايائون ته جيستائين تون نڪاح نه ڪرين ان جي پالنا جي وڌيڪ حقدار آهين.(22)

پاڻ سڳورنﷺ جن هڪ قاضيءَ جي حيثيت سان بينظير مثال ڇڏي آهي. جنهن کي اپنائڻ سان انساني معاشرو عدل جي بهترين معيار سان مستفيد ٿي سگهي ٿو.

اللهم صلي علی محمد و آله و اصحابه اجمعين (آمين)

© rasailojaraid.com

